(گل ۔ ٣٩)



شرڊيءَ جي ڌرتيءَ جا پاڪ جاگيا، جو باباجن آن ۾ پير پاتا ۽ شري دوارڪا مائي مسجد به ڏنيه آهي، جنهن ۾ باباجن اچي نواس ڪيو ۽ آخرين سماڌي ورتي. شرڊيءَ جا نر ناريون پڻ ڏنيه آهن، جن کي باباجن جو درشن هر روز ٿيندو هو. باباجن جي پڌارڻ کان پوءِ، شرڊيءَ جو ڇوٽو گرام، هڪ تيرٿ آستان بڻجي پيو، جتي هر ڪو سنان ڪرڻ مهل، پيسائي ڪرڻ مهل ۽ گهرو ڪم ڪندي، باباجن جا ڀڄن پيو ڳائيندو يا ٻڌندو هو.

ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي ته باباجن سنسڪرت جا ڄاڻو آهن. هڪ ڏينهن نانا صاحب چندورڪر کي گيتا جي هڪ شلوڪ جو ارٿ سمجهائي، سيني کي وائڙو ڪري وڌائون، جنهن جو ورڻن "سائين ليلا پتريڪا جي چوٿين ڀاڱي ۾ ڏنو ويو هو. تنهن کان پوءِ (١) سائين بابا جا سڌانت ۽ وچن. (٢) وچتر سنت سائين بابا ٽالي ٻن پستڪن جي صورت ۾، بي وي نرسنهه ٢٧-٩-١٩٣٦ ۾ انگريزيءَ ۾ ظاهر ڪيا ۽ پوءِ وري "ڀڳتون کي آنيرو" ڀاڱي ٽئين ۾ ڇپايا ويا.



سماڌي مندر جو ٻاهران ٻيو نظارو

ناتا صاحب چندورڪر خود ويدانت جو ودوان وديارٿي هو. هن گيتا جي اڀياس لاءِ ڪيتريون ئي ٽيڪائون پڻ پڙهيون هيون ۽ کيس پنهنجي گيان جو اهنڪار پڻ هو ۽ انهن تي دل ۾ خيال هوس ته باباجن سنسڪرت کان بلڪل اڻواقف آهن. ان ڪري انترياميءَ باباجن، سندس اهنڪار ٽوڙڻ جو ويچار ڪيو. انوقت مسجد ۾ ماڻهو ٿوري انداز ۾ ايندا هئا ۽ ايڪانت ۾ وارتالاپ ٿيندا يا ڪندا هئا. هڪ اهڙي موقعي تي ناتا صاحب، باباجن جا چرن دٻائي، ڪجهه گنگڻائيندو رهيو هو.

بابا - ناتا، تون ڌيري ڇا چئي رهيو آهين؟

ناتا - گيتا جو هڪ شلوڪ پڙهي رهيو آهيان.

بابا - اهو شلوڪ ڪهڙو آهي؟ ڏاڍيان پڙهي ٻڌاءِ.

ناتا - تد وڌي پرڻيپاتين پرپرشنين سيوئا

اُپديڪشيتني تي گيانم گيانِنستتو درشنهه.

بابا - توکي هن شلوڪ جو ارٿ اچي ٿو؟

ناتا - جي مهاراج.

بابا - جي اچي ٿي ته مونکي ٻڌاءِ.

ناتا - تنهن کي ڄاڻڻ وارن گياني پرشن کي، ڀليءَ طرح ڊنڊوت ڪري، شيوا ۽ نشڪپٽ ڀاوَ سان، سوالن پڇڻ دئاران، اُنهيءَ گيان کي چڱي طرح سمجهيو آهي ۽ جن کي سچي وستو پراپت ٿي چڪي آهي، اهي ئي گياني، توکي اُپديش ڏيندا.

بابا - نانا، مونکي اِهو ڀاو ارٿ نه کپي. مونکي هرهڪ لفظ جو الڳ الڳ اُچار ڪري، اُن جو ڌار ڌار ارٿ ڪري سمجهاءِ. (نانا الين ڪرڻ شروع ڪيو.)

بابا - نانا، ٻڌاءِ ته صرف ساشٽانگ نمسڪار ڪرڻ ئي (پرڻپات) نيڪ آهي؟

نانا - نمسڪار ڪانسواءِ پرڻپات شبد جو ٻيو ارٿ ٿي نٿو سگهي.

بابا - پريپرشن جو ارٿ ڇا آهي؟

نانا - پرشن (سوال) پڇڻ.

بابا - پرشن جو ارٿ ڇا آهي؟

نانا - ساڳيو يعني سوال پڇڻ.

بابا - جيڪڏهن پريپرشن ۽ پرشن ٻنهي لفظن جو ارٿ ساڳيو آهي ته پوءِ وياس مهاراج "پري" اُپسرگ ڇو ڪتب آندو؟ وياس مهراج جي ٻڌي ڀُلي. ڇڪر ڪاڻي ويٺي ڇا؟

نانا - مون کي ته پريپرشن لفظ جي ٻئي ارٿ جي خبر ناهي.

بابا - شيوا؟ ڪهڙي پرڪار جي شيوا؟

نانا - جيڪا شيوا اسين ڪندا آهيون.

بابا - ڇا، اِها شيوا پرياپت (نيڪ) آهي؟

نانا - اِن کان وڌيڪ مونکي شيوا لفظ جي ارٿ جي خبر ناهي.

بابا - هينئين ست "اُپديکشيتي ني گيانم" ۾، گيانم لفظ جي جاءِ تي بيو لفظ ڪتب آڻي ارٿ ڪري سگھندين؟

نانا - جي ها.

بابا - ڪهڙو لفظ؟

نانا - اَگيانم.

بابا - لفظ اَگيانم جي ڪتب آڻڻ ڪري، ڪهڙو ارٿ بيهندو؟

نانا - جي نه. "شنڪر ڀاشيه" ۾ اِن طرح جي ڪا به رچنا ڪانهي.

بابا - نه آهي ته پوءِ ڇا؟ جيڪڏهن اَگيانم لفظ ڪتب آڻڻ سان، بيو سٺو ارٿ نڪري سگھي ته ان ۾ ڪهڙو اعتراض هئڻ گھرجي!

نانا - مان نٿو سمجهان ته اِن ست ۾ اگيان لفظ ڪنهن به طرح ڪتب آڻي سگھبو.

بابا - ڪرشن مهراج اَرجن کي گيانين ۽ تتو درشين کي نمسڪار ڪرڻ، سوال پڇڻ ۽ شيوا ڪرڻ جو اُپديش ڇو ڏنو هو؟ ڪرشن پاڻ تتو درشي ڪين هو ڇا؟ ڪرشن پورو ۽ يٿارٿ گياني ڪين هو ڇا؟

نانا - جي هان، بيشڪ پُورن گياني هو. پر منهنجي سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڪرشن، اَرجن کي ٻين گيانين لاءِ ڇو چيو؟

بابا - تنهنجي سمجهه ۾ اچا ڪين آيو ڇا؟

اهو ٻڌي نانا (وچلت) لاجواب ٿي ويو ۽ سندس گهمنڊ دور ٿي ويو. پوءِ بابا خود اُرت ھــن طرح سمجهايس.

(١) گيانين کي فقط ساشٽانگ نمسڪار ڪرڻ ٺيڪ ناهي. اسان کي اُنهيءَ پاڙ سان ستگورن جي شرڻ ۾ پوڻ گهرجي.

(٢) فقط سوال پڇڻ به ٺيڪ ناهي. ڪوئي پرورتي يا پاکنڊ جا ڀول، جار ۾ ڦاسائڻ يا هروڀرو چوڪ ڪڍڻ جي ڀاونا سان، سوال نه پڇڻ گهرجي پر اُن جي بدران، فقط موکش يا آڌياتمڪ مارگ ۾ واڌاري ڪرڻ جي تيز چاهه ۽ تکي ڀاونا سان ئي پرشن پڇڻ گهرجي.

(٣) ”مان نــه شيوا ڪرڻ يا قبول نــه ڪرڻ لاءِ بلڪل سوتنتر آهيان“ واري ڀاونــا سان، جيڪو ڪم ڪندو، تنهن کي شيوا ڪين ڪوٺي سگهبو. هن کي اُليڻ ڪرڻ گهرجي تــه مون کــي پنهنجي سريرتــي به اُڌڪار نــاهي. سرير تي اُڌڪار صرف گوروءَ جــو ئي آهي، ۽ فقط ان جي شيوا لاءِ ئي، هو ٻڌل آهي.

انهيءَ طرح هلت ڪرڻ سان ئي، گوروءَ دئــاران، گيان جي پراپتي ٿي سگهندي، جئن هن شلوڪ کان مٿئين شلوڪ ۾ ٻڌايو ويو آهي.

نانا جي مغز ۾ اچا ڪين وينو تـه گورو، ڪهڙيءَ طرح اَگيان جي سکيا ڏيندو!

بابا - گيان جو اُپديش يعني آنيندهه ۾ اَنيڪ ڀراپت ٽيڻ واري سگهيا. اگيان جي ناس ڪرڻ کي گيان ٿو چئجي. گيتا جي ١٩-٦٦ شلوڪ ۾ چيل آهي ته ”هي اَرجن! جيڪڏهن تنهنجي نند ۽ سپني ۾ پنگ ڀوي، تڏهن توکي پاپ آهين. گيانيشوري گيتا جي پاڳه ٥-١٦ ۾ لکيل آهي ته ”گيان ۽ اگيان ناس ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪو تفاوت آهي ڇا؟“ انڌڪار ناس ٿيڻ جي معنيٰ آهي ”پرڪاش.“ جڏهن اسين ”دوئيت ڀاوَ“ ناس ڪرڻ جي چرچا ڪندا آهيون، تڏهن گڏ وگڏ اَدوئيت ڀاوَ جي به ڪندا آهيون. ساڳي انڌڪار کي ناس ڪرڻ جي چرچا معنيٰ پرڪاش جي ڳالهه ڪرڻ. جيڪڏهن اسين اَدوئيت ڀاونا جو اَنيڪ ڪرڻ ٿا چاهيون ته اسان کي دوئيت ڀاونا کي ناس ڪرڻ ٿي، دوئيت ڀاونا ڀراپت ڪرڻ جي نشاني آهي. دوئيت ڀاوَ ۾ رهي، اَدوئيت جي چرچا ڪيئن ڪري سگهندو؟ ڀد لي ڀڇڻ کانسواءِ، اَنيڪ ڀراپت ڪئن ٿيندو؟

ششيه، به گوروءَ وانگر، گيان جي مورتي آهي ۽ ٻنهي ۾ اوچي اَنيڪ، اَدوئيت ۽ الوڪڪ ستيه، يوگيتا ۽ ايشور به يوگ جي منزل جو تفاوت رهي ٿو، ستگورو نرگڻ نراڪار سچدانند آهن. هو پنهنجي اِڇا انوسار ٿي، منش جاتيءَ جي ڪلياڻ لاءِ ۽ وشو ڪلياڻ لاءِ شرير ڌارڻ ڪن ٿا. تنهن هوندي به، هنن انيڪ ڀرمائما

جي ستا جي وچ ڪاڻ رنڌڪ ڪالـ ٿي پوي. هن جـي ستيه وستوءَ جي پراپتي، ديوي شڪتي ۽ گيان هميشه هڪجهڙو رهي ٿو. حقيقت ۾ ششيه (جيو) جو روپ پاڻ ٿي آهي پر بي انت جنمن جي سبب ڪري، ششيه جي شرير ۾، اگيان اُپن ٿو ٿئي، جنهن جي اثر ڪري، جيو ڀرم ۾ ڦٽجيو وڃي ۽ پنهنجي سچي سروپ کي وساري ويهو ڇوي ته "مان" هڪ دربل ۽ اَسهاءِ پراڻي آهيان.

گورو انهي گيان جي جڙ (پاڙ) کي ڪاٽي ڦٽو ڪري ٿو ۽ سکيا ڏيندو رهي ٿو، ته توهين خود ايشور آهيو ۽ سرو شڪتيوان آهيو، تڏهن آهستي آهستي جيو جو اِهو ڀرم دور ٿئي ٿو ته مان ۽ هيءَ دنيا، ڏار ڏار وستوءَ نه آهيون مگر هڪ آهيون. اِنهي ڀرم ۽ اگيان ناس ڪرڻ لاءِ اسان جيون کي پاڻ کان سوال پڇڻ کپن ته (١) هي اگيان ڪٿان پيدا ٿيو؟ (٢) ايشور ڪٿي آهي؟

اگياني جيو جي من ۾ خيال پيدا ٿين ٿا (١) مان هڪ پراڻي جيو آهيان (٢) آتما نـ پر سرير آهيان (٣) ايشور، وشو ۽ جيو جدا جدا وستوءَ آهن (٤) مان ايشور نـ آهيان (٥) شرير آتما ناهي (٦) ايشور وشو ۽ جيو جي ايڪتا جو اُنڀو هن کي ناهي. جيسين اِنهن سوالن جو پورو جواب شديه کي اُنڀو نٿو ڪرايو وڃي، تيسين هو پاڻ کي جدا ۽ ايشور کي جدا سمجهندو ٿو رهي.

انهي اُنيءَ ڪرائڻ کي ڏسي گيان جو اُپديش ڏنو وڃي ٿو. هاڻي سوال ٿو اُٿي ته جيو کي ”لون ياڻ گيان مورتي آهين.“ جو سبق پاڙهڻ يا منتر ڏئي ڪرائڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي؟ جواب آهي ته جيو يا پراڻيءَ جي من مان شڪ دور ڪرڻ لاءِ اهو منتر بار بار ڏئي ڪرائڻ کان پوءِ ئي، اگيان دور ٿئي ٿو.

باباجن ڇيو ته (١) پرڻيپات شبد جي معنيٰ آهي شرڻاگتي. (٢) شرڻاگتي معنيٰ تن، من ۽ ڌن گوروءَ کي سونپڻ يعني گوروءَ جي اُنيه ڀاءُ سان ڀڳتي ڪرڻ. (٣) ڪرشڻ ڀڳوان ٻين گيانين لاءِ اشارو ڏنو آهي ته سچي ڀڳت لاءِ، هرڪا وستو ”واسديو“ جو روپ آهي (ارتات - گورو، پنهنجي ششيه ۽ ڀڳت لاءِ، ڪرشن روپ آهي - اَڌياءِ ٧-١٠) گورو، پنهنجي ششيه کي واسديو ڪري مڃي ٿو ۽ ڪرشڻ ڀڳوان، ٻئي گورو ۽ ششيه کي پنهنجي آتما پراڻ ڪري ڇوي ٿو. (گيان ديو جي ٽيڪا اَڌياءِ ٧-١٥) ڇاڪاڻ ته ڪرشڻ ڀڳوان کي خبر هئي ته اهڙا ڀڳت ۽ گورو ٻه (وديمان) هلندڙ زماني ۾ موجود آهن، تنهن ڪري اُنهن جي مهانتا ۽ وڏائي پرسڌ ڪرڻ لاءِ، شري ڪرشڻ، اَرجن کي اِئين صاف صاف ڇٽي ٻڌايو.

باباجن ڪجهه به ڪرڻ چاهيندا هئا ته ڪنهن سان اَن باري ۾ ڳالهه ٻولهه ڪين ڪندا هئا پر آسپاس اهڙو

واڳاڙڻ ۽ حالت پيدا ڪندا هئا، جو سنگت کي اول ته، ٻو آخر ۾ پڪيءَ طرح اُهو ڪم پورو واس ٿيل ڏسي وسميه ۾ وجهي ڇڏيندا هئا.

ناگپور جو مشهور لکاپتي شريمان ٻاٻو صاحب ٻُوٽي، ڪٽنب سميت شرڊيءَ ۾ رهندو هو. هن کي هڪ پيري خيال آيو تہ شرڊيءَ ۾ پنهنجو هڪ واڙو هئڻ گهرجي. ڪجھ وقت ڪانپوءِ جڏهن هو ديکشت واڙي ۾ ننڊ ڪري رهيو هو تہ سپني ۾ ڏٺائين تہ باباجن چون ٿا تہ ”تون هتي پنهنجو هڪ واڙو ۽ مندر ٺهراءِ.“ شاما يڪت پڻ اُتي ننڊ ڪري رهيو هو ۽ اُن کي بہ ساڳيو ئي سپنو ڏسڻ ۾ آيو. ٻاٻو صاحب جڏهن اُٿيو تہ شاما يڪت کي روئندو ڏسي، اُن جو سبب کانئس پڇيائين تہ شاما چيو: ”هينئر هينئر سپني ۾ باباجن منهنجي بلڪل ويجهو اچي، صاف لفظن ۾ چيو تہ ”مندر سان لاڳيتو هڪ واڙو ٺهرايو. مان سڀني ڀڳتن جون اِڇائون پوُرن ڪندس.“ باباجن جا اِهي مڌر شبد ٻڌي، منهنجي اندر ۾، پريم ڇولون مارڻ لڳيون ۽ منهنجو گلو رڪجي ويو، اَکين مان آنسون وهڻ لڳا ۽ مان زور سان روئڻ لڳس.“ ٻاٻو صاحب اَسچرج ۾ پئجي ويو تہ مون ۽ شاما ٻنهي ساڳيو ئي سپنو ڏٺو آهي هن يڪدم واڙي ٺهرائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ شاما سان گڏجي، هڪ نقشو تيار ڪيو، جو ڪاڪا صاحب

دبڪشت کي پڻ ٺيڪ لڳو. پوءِ جڏهن باباجن جي اڳيان اهو نقشو پيش ڪيو ويو ته باباجن اُن جي سويڪرتي (منظوري) ڏني ۽ ڪم چالو ڪيو ويو. شاما جي سنڀال هيٺ، هيٺين منزل، تهخانو ۽ کوهه ٻڌجي تيار ٿيا. باباجن به ليڪنڊي ڏانهن ايندي ويندي، فهمائش ڏيندي ويندا هئا. پوءِ اهو ڪم ٻاپوُ صاحب جوڳ جي حوالي ڪيو ويو.

ڪم هلندي، ٻاپوُ صاحب جوڳ کي خيال آيو ته ڪجهه ڪليل پاڳو ٻه ڇڏيو وڃي ۽ اُن جي ٺيڪ وچ تي، مرليڌر جي منوهر مورتي پڻ استاپن ڪئي وڃي. هن اهو خيال شاما کي ٻڌائي چيو ته "باباجن کان اُن جي قبوليت وٺي ڇڏ." پوءِ جڏهن باباجن اُتان پرسان لنگهيا، تڏهن شاما باباجن کي ان باري ۾ عرض ڪيو ۽ هن منظوري ڏني. منظوري ملڻ ڪانپوءِ ڪم آرنڀ ڪيو ويو ۽ شاما جي نظرداريءَ ۽ ديکڀال هيٺ ٿلين سان پڪيل منهن پڻ تيار ٿي ويو.

هڪ ڏينهن باباجن واڙي پرسان لنگهندي چيو ته "جڏهن مندر تيار ٿي ويندو ته مان پاڻ اُن ۾ اچي نواس ڪندس. واڙي تيار ٿيڻ بعد، اسين سڀ واڙي ۾ اچي رهنداسين، گهمنداسين، ڦرنداسين ۽ پاڻ ۾ پاڪر پائي، آنند پوُرڪ رهنداسين."

شاما پوءِ چيو ته "هن مورتيءَ کي وچ تي براجمان

ڪرڻ جو مهورت ڪريون؟" بابا جي ها ڪرڻ تي، ناريل آڻي ڀڳو ويو ۽ ڪم پرارمڀ ڪيو ويو. ٿيڪ سمي، تي، مرلي منوهر جي سندر مورتي ٺهرائڻ جي پرٻند ڪرڻ ۾ وکهن پئجي ويو، جو اوچتو باباجن جي سرير جي حالت چنتا جنڪ ۽ گمڀير ٿي وئي ۽ ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو ته سرير ليلا پرڪرڻ وارا آهن. اهو ڏسي باپو صاحب کي چنتا وڌي وئي ته باباجن هليا ويا ته واڙو، سندن پوتر چرن ڪملن جي سپرش ڪرڻ کان (وانچت) خالي رهجي ويندو، ۽ واڙي تي منهنجو خرچ ڪيل هڪ لک، سندن پيرن گهمائڻ ڪانسوا، وئرٿ، اجايو ۽ بيسود ٿيندو. ليڪن هن جي منشا پوري ڪرڻ لاءِ جڏهن باباجن فرمايو ته "موکي واڙي ۾ ئي رکجو، تڏهن بوٽي صاحب ۽ ٻين ڀڳتن کي شانتي آئي. پوري وقت گذرڻ بعد، باباجن جو پوتر شرير، مرليڌر جي مورتيءَ رکڻ واري جاءِ تي رکيو ويو يعني بابا خود مرليڌر ٿجي ويو ۽ واڙو بدلجي، سائين بابا جي سماڌي جو مندر ٿي پيو! سنتن جي اگاڌ ليلائن جو ڪو به پار ڪين پائي سگهندو. ڌنيه آهي باپو صاحب بوٽي، جنهن جي ٺاهيل واڙي ۾ سائين بابا جو پوتر شرير، اڄا ٿائين وشرام ڪري رهيو آهي.